صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# اکين جو تارو محمد

16-November-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اکين جو ٺار نالو محمد

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، ڇوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو.ياد رکو!مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي ،البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون . اعتڪاف جي نيت بہ صرف ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري** (يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

**سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ، فيضِ گنجينہ** صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمان شفاعت نشان آهي: "بيشڪ الله تعاليٰ هڪ ملائڪ منهنجي قبر تي مقرر ڪيو آهي جنهن کي تمام مخلوق جا آواز ٻڌڻ جي طاقت عطا ڪئي**

آهي،پوءِ قيامت تائين جيڪو بہ مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي تہ اهو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي، چوندو آهي فلاڻي پٽ فلاڻي جي توهان تي درود پاڪ پڙهيو آهي.“ (مجمع الزوائد،كتاب الادعية، باب فيما يستفتح به الدعاء...الخ،۲۵۱/۱۰،حديث:۱۷۲۹۱)

کَربلا والوں کا صَدَقہ یا نبی!
دُور ہوں رَنج و اَلَم چَشمِ کرم
وِردِ لَب ہر دَم دُرُودِ پاک ہو
یا شَہِ عَرَب و عَجَم! چَشمِ کرم

(وسائل بخشش مرمم،ص۲۵۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللہ عَزَّوَجَلَّ ! دُرُود شريف پڙهڻ وارو ڪيتري قدر ڀاڳ وارو آهي جو ان جو نالو پيءُ جي نالي سميت بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو، هتي اهو مدني گل بہ نهايت ايمان وڌائڻ وارو آهي تہ قبر مبارڪ تي حاضر ملائڪ کي ٻڌڻ جي قوت ايتري گهڻي ڏني وئي آهي جو هو دنيا جي هڪ هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ئي وقت ۾ درود شريف پڙهڻ وارن لکين مسلمانن جو نهايت آهستہ آواز بہ ٻڌي وٺي ٿو ۽ ان کي علم غيب بہ عطا ڪيو ويو آهي جو هو درود پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا بلڪ ان جي پيئرن جا نالا بہ ڄاڻي وٺي ٿو، جڏهن دربار رسالت جي خادم جي سماعت (يعني ٻڌڻ) جي قوت ۽ علم غيب جو اهو حال آهي،تہ مڪي مديني جي تاجدار، محبوب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اختيارات ۽ علم غيب جو ڇا شان هوندو؟ اُهي ڇو نہ پنهنجي غلامن کي سڃاڻندا ۽ ڇو نہ اُنهن جي فرياد ٻڌي باذن الله تعالي مدد فرمائيندا.

فَریاد اُمَّتی جو کرے حالِ زار میں ممکن نہیں کہ خَیرِ بَشَر کو خَبَر نہ ہو

(حدائق بخشش،ص۱۳۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ جهڙڻ ڏيڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بي وُضو نامِ محمد نہ وٺڻ وارو بُزُرگ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب گلدسته دُرود و سلام ۾آهي تہ: سُلطان محمود غزنوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ زَبردَست عالمِ دين ۽ روزن ۽ نمازن جو پابند هو ۽ باقاعدگي سان قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي سڄي زِندگي دينِ اسلام جي مُطابق گذاري ۽ پرچمِ

اسلام جي سربُلَندي ۽ اِعلاءِ كلِمَةُ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَ جو نالو بُلند كرڻ) جي لاءِ بيشمار جنگون وڙهيون ۽ كامياب ٿيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه شُجاعت ۽ بهادري سان گڏوگڏ عشقِ رسول جي عَظِيم مَنصَب تي بہ فائز هئا .

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جي فرمانبردار غلام اياز جو هڪ پٽ هو، جنهن جو نالو محمد هو. حضرت محمود غزنوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جڏهن بہ ان چوكري كي سڏيندا ها تہ ان كي نالي سان پكاريندا ها، هڪ ڏينهن معمول جي خلاف ان كي اي ايازجا پٽ! چئي مُخاطب كيو. اياز كي گمان ٿيو تہ شايد بادشاھ اڄ ناراض آهي، ان كري منهنجي پٽ كي نالو وٺي ناهي سڏيو، اهو سندن دَربار ۾ حاضِر ٿيو ۽ عرض كيائين: حُضُور! ڇا منهنجي پٽ كان اڄ كا غلطي (mistake) ٿي آهي، جو اوهان ان كي نالي بدران اِبنِ اياز چئي پكاريو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جن فرمايو: مان محمد جي نالي جي تَعظِيم خاطِر توهان جي پٽ جو نالو بي وضو نہ ٿو وٺان چوتہ ان وَقت مان بي وضو هئس، ان كري لفظِ محمد كي وضو جي بغير زبان تي آڻڻ مُناسب نہ سمجهيو.( روحُ البيان،پ٢٢، الاحزاب، تحت الآية: ٤٠،٧/١٨٥مفهوماً)

| | | |
|---|---|---|
| لب پہ آ جاتا ہے جب نامِ جناب | | منہ میں گھل جاتا ہے شہدِ نایاب |
| وجد میں ہو کے ہم اے جاں بیتاب | | اپنے لب چُوم لیا کرتے ہیں |

(حدائقِ بخشش، ص۱۱۴)

مختصر وضاحت:اي منهنجا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو اسم گرامي (محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ)اسان جي چپن تي ايندو آهي تہ ايئن لڳندو آهي جڻ تہ كنهن خالص شهد(ماكي) اسان جي وات ۾ وجهي ڇڏي هجي انهيءَ خوشيءَ ۾ چپ پاڻ ۾ ملي ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي كي چمي وٺندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ مشهور عاشقِ رَسول بادشاه سُلطان مَحمود غَزنَوِي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جو پنهنجي آقا ۽ مَوليٰ،اَحمدِ مجتبيٰ، حَبيبِ ڪبْرِيا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان عشق ۽ مَحَبَّت جو اِظهار ڪرڻ جو انداز بہ ڪيتري قَدَر ساراهہ لائق هو. بيشڪ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ عشقِ حبيب ۾ فَنَا تي چُڪا هئا تڏهن تہ تمام رَسولن جي سَردار، مَحبوبِ غَفّار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ نالي سان نِسبَت سَبَب ادب ڪندي بي وُضُو نالو **"مُحَمَّد"** پنهنجي زبان تي نہ آڻيندا هئا، جيتوڻيڪ بي وُضُو نالو **"مُحَمَّد"** وٺڻ شرعاً جائز آهي پر انهن جو عشق اُنهن کي هن ڳالهہ جي اِجازت نہ ڏيندو هو، بالفرض ڪڏهن اهڙي صُورتِ حال پيش ايندي هئي جو نالو **"مُحَمَّد"** وٺڻ بغير چارو نہ هجي ۽ ان وَقت هي بي وُضُو هوندا هئا تہ ادب طور پيو ڪو مناسِب نالو استعمال ڪندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ **"مُحَمَّد"جي نالي** جي ادب ڪرڻ جو صَدَقو آهي جو اڄ ڏينهن تائين انهن باادب هستين جي شُهرت ۽ عظمت جي هاڪ چئني پاسي آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ انهن عاشقانِ رَسُول جي نَقشِ قدم تي هلندي نالي **"مُحَمَّد"** جي نسبت سان جن مسلمانن جو نالو **"مُحَمَّد"** هجي انهن جو بہ ادب ڪرڻ جي عادت بڻايون جو اَحاديثِ مُبَارَڪ ۾ انهن سان حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ جو حڪم اِرشاد ٿيو آهي جيئن

اَمِيرُ الْمُؤمنين حضرت سَيدُنا عَلِي الْمُرتَضيٰ كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان (پنهنجي) پٽ جو نالو محمد رکو تہ ان جي عزّت ڪيو ۽ مجلس ۾ ان جي لاءِ جڳهہ ڪشادي ڪيو ۽ ان ڏانهن برائي جي نسبت نہ ڪريو. (الجامع الصغير ص 49 حديث: 706) هڪ بي حديث پاڪ ۾ آهي تہ رسول **الله** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن ٻار جو نالو محمد رکو تہ ان کي نہ ماريو ۽ نہ ئي محروم ڪيو.

(مسند البزار،مسند ابي برزه الاسلمي، ٩/٣٢٧، حديث: ٣٨٨٣)

آنکھوں کا تارا نامِ مُحمد دِل کا اُجالا نامِ مُحمد
اللّٰہُ اَکْبَر رَبُّ الْعُلا نے ہر شے پہ لکھا نامِ مُحمد
ہیں یُوں تو کَثْرت سے نام لیکن سب سے ہے پیارا نامِ مُحمد
صَلِّ عَلٰی کا سہرا سجا کر دُولہا بنایا نامِ مُحمد
(قبالۂ بخشش، ص۷۳)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ نالي"مُحَمَّد" بہ ڪيتري عظمت ۽ شان وارو آهي جو جنهن خُوش نصيب جو نالو "مُحَمَّد" رکيو وڃي تہ هي نالو ان کي بہ شان ۽ شوکت وارو ۽ تَعظِيم ۽ تَوقِير جو حقدار بڻائيندو آهي تنهنڪري بِالعُمُوم سيئي ۽ بِالخُصُوص جنهن جو نالو "مُحَمَّد" هجي انهن جي تمام گهڻي تَعظِيم ۽ تَوقِير ڪريو. ياد رهي! ادب جو هي انداز اسان کي انهيءَ وقت سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن اسان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو حقيقي مَعنيٰ ۾ ادب ۽ اِحتِرَام ڪنداسين چاڪاڻ تہ رسول اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ادب ۽ اِحتِرَام ڪرڻ اسان سڀني تي ضروري آهي جيئن صَدرُ الشَّرِيعہ، بَدرُ الطَّرِيقہ حضرت علاّمہ مَولانا مُفتي محمد اَمجد علي اَعظَمي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: نَبِي جي تَعظِيم فَرضِ عَين بلڪ سڀني فرضن جي اَصل آهي. ڪنهن نَبِي جي اَدنيٰ(ٿورڙي) تَوهين يا تَڪذِيب، ڪفر آهي.(بهارِ شريعت،حِصّہ اوّل، ۱/۴۷) اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ اسان جو پِيارو پَروَردگار عَزَّ وَجَلَّ بہ پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ پنهنجن ٻانهن کي حَبيبِ مُڪرَّم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تَعظِيم ۽ تَوقِير ڪرڻ جي

تَرغِيب اِرشاد فرمائي آهي جيئن سيپارو 26سُوْرَةُالْفَتْح جي آيت نمبر 9 ۾ اِرشادِ رَبُّ العِباد آهي:

| | |
|---|---|
| لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ (سيپارو:۲۶، الفتح ۹) | تَرجَمو كنز الايمان: تہ جيئن اي انسانو توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ احترام ڪريو |

اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنّت مولانا شاهہ اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بَيان ڪيل آيتِ مُقَدَّسَہ جي تحت فرمائن ٿا: تہ سيني ڪان مُقَدَّم اِيمان آهي جو ان جي بغير تعظيمِ رَسُول مقبول ناهي، ان ڪان پوءِ تعظيمِ رَسُول آهي جو ان جي بغير نَماز ۽ بي ڪا عِبادت مَقبول ناهي، ائين تہ عَبدُالله تمام جهان آهي پر سَچّو عَبدُالله اهو آهي جيڪو عَبدِ مُصطَفٰي (يعني غُلامِ مُصطَفٰي) آهي نہ تہ عَبدِ شَيطان هوندو. اَلْعِياذُ بِالله تَعَالٰي(الله تعاليٰ جي پناهہ) (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۱۲۳)

جڏهن تہ سيپارو 18 سُورَةُ النُّور جي آيت نمبر 63 ۾ حُضُور سَراپا نُور، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي پُڪارڻ جا ادب سيکاريندي اِرشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَیْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ (سيپاري:۱۸، النور:۶۳) | ترجمو ڪنزالايمان: رسول جي سڏڻ ڪي پاڻ ۾ ايئن نہ بڻايو جيئن توهان مان هڪڙو ٻي کي سڏي ٿو . |

حضرتِ سَيدُنا عَبْدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه بيان ڪيل آيتِ مُقَدَّسَہ جي تَفسِير ۾ اِرْشاد فرمائن ٿا: پهريان حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کي يا مُحَمَّدُ، يا اَبَاَلْقَاسِم چيو ويندو هو،پوءِ الله تَعَالٰي پنهنجي نبي جي تعظيم جي سبب انهن کي ايئن ڪرڻ سان منع فرمايائين تڏهن ڪان صحابہء ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) يا نَبِي الله، يا رَسُوْلَ الله چوندا هئا. (دلائل النبوة لابي نعيم، الجزء الاول، الفصل الاول في ذكر ما انزل الله تعالي في كتابه من فضله،ص۱۹حديث:۴)

اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسُنّت مولانا شاه اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه بَيان كيل آيت سڳوري جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: (ائين نہ سڏيو) تہ اي زيد! اي عَمرو! بلڪ هيئن عَرض ڪريو: يارَسُوْلَ الله، يانَبِي الله، ياسَيدَ الْمُرْسَلِين، ياخَاتَمَ النَّبِيين، ياشَفِيعَ الْمُذْنِبِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیک وَسَلَّمَ وَعَلٰی اٰلِکَ اَجْمَعِین. تنهنڪري عالم سڳورا تَصرِيح (وَضاحت) ڪن ٿا (تہ) حُضُورِ اَقدَس صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي نالو وٺي نِدا ڪرڻ (سڏڻ) حَرام آهي ۽ واقعي اِنصاف جو مقام آهي! جنهن کي ان جو مَالِڪ ۽ موليٰ تَبَارَڪ وَتَعَاليٰ نالو وٺي نہ سڏي، غُلام جي ڪهڙي مَجال جو ادب جي راهہ کان تَجَاوُز (Exceed) ڪري، بلڪ اِمام زَينُ الدِّين مَرَاغِي وغيره مُحَقِّقِن (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیهِمْ اَجْمَعِین) فرمايو: جيڪڏهن هي لفظ ڪنهن دُعا ۾ هجن جيڪي خُود نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيکاريا جيئن دعا آهي ”يا مُحَمَّدُ اِنِّي تَوَجَّهْتُ بِک اِلٰي رَبِّي“ اي مُحَمَّد(صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! مان اوهان جي تَوَسُّل (وسيلي) سان پنهنجي ربّ (عَزَّ وَجَلَّ) ڏانهن مُتَوَجّہ ٿيس. ( ابن ماجة، كتاب اقامة الصلوة،باب ما جاء في صلوة الحاجة،٢/ ١٥٦،حديث: ١٣٨٥) تڏهن بہ ان جاءِ تي يا رَسُوْلَ الله، يا نَبِي الله (چوڻ) گهرجي، جڏهن تہ دعا جي لفظن ۾ حَتَّي الوُسع (جيترو ممڪن هجي) تَغيير (تبديلي) ناهي ڪئي ويندي.(فتاويٰ رضويہ،٣٠/١٥٦-١٥٧ملتقطا)

نُوح و خَلیل و مُوسیٰ و عِیسیٰ سب کا ہے آقا نامِ محمد
دَوْلَت جو چاہو دونوں جہاں کی کر لو وَظیفہ نامِ محمد
پائیں مُرادیں دونوں جہاں میں جس نے پُکارا نامِ محمد
(قبالۂ بخشش، ص۷۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀڄو اوهان تہ رَبُّ العٰلَمِين عَزَّ وَجَلَّ کي پنهنجي مَدَني حبيب صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سندن نالي مبارڪ جو ادب ڪيتري قَدَر عزيز آهي جو ان پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ پنهنجن ٻانهن کي رسول اڪرم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سندن مبارڪ نالي جي ادب ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ هن فرمانِ خُداوَندي ۽ مُفَسّرِنِ سڳورن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي اِرشادن تي عمل ڪندي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پُڪارڻ وقت ادب ۽ تعظِيم جو لحاظ ڪندي هميشہ صِفاتي نالن مثال طور يارَسُولَ الله، ياحَبِيبَ الله وغيره اِستِعمال ڪرڻ جي عادت بڻايون. ائين تہ پاڻ صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا سمورا نالا ئي يقيناً لائقِ ادب ۽ تعظِيم ۽ خُدا عَزَّ وَجَلَّ جا مَحبوب آهن پر انهن مان نالي "اَحْمَد" ۽ نالِي" مُحَمَّد" جو شان سڀ کان جُدا (Unique) آهي ڇوتہ هي بہ اهڙا مُبارَڪ نالا آهن جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ کي تمام گهڻا مَحبوب آهن، جيئن تہ

## الله عَزَّوَجَلَّ جا مَحبوب نالا

صَدرُ الشَّرِيعہ، بَدرُ الطَّرِيقہ حضرت علاّمہ مَولانا مُفتي محمد امجد علي اَعظَمِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: حُضُورِ اَڪرم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا نالا مبارڪ "محمد" ۽ "احمد" آهن ۽ ظاهر اهوئي آهي تہ اهي ٻئي نالا خود الله تعاليٰ پنهنجي محبوب صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ منتخب فرمايا، جيڪڏهن اهي ٻئي نالا خدا (عَزَّوَجَلّ) وٽ وڌيڪ پيارا نہ هجن ها تہ پنهنجي محبوب صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ پسند نہ فرمائي ها . (بہار شریعت ،حِصّہ١٦،٣/ ٦٠١) وري انهن ٻنهي مان "مُحَمَّد" جي نالي کي جيڪا اَهمِيت ۽ فضيلت حاصل آهي اهو هر عقلمند

شخص آساني سان سمجهي سگهي ٿو. پر اَفسوس تہ جيئن جيئن اسان زَمانۂ نَبَوِي کان پري ٿيندا پيا وڃون ائين اسان جي معاشري ۾ جَهالَت جي اونداهي وڌندي پئي وڃي. جنهن جو هڪ چٽو مِثال هي آهي تہ بعض نادان پنهنجي اَولاد جي لاءِ اهڙن نالن جي ڳولها ۾ رهن ٿا جيڪو گهر، خاندان، پاڙي ۾ پري پري تائين ڪنهن جو بہ نہ هجي، جيڪو بہ ٻڌي واهہ واهہ ڪري، واهہ! ڪيترو زَبَردَست نالو رکيو آهي، اَڙي هي نالو تہ اسان پهرين دفعي ٻڌو آهي وغيره وغيره.اهڙي طرح بعض نادان بي معنيٰ نالا يا مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ غير مُسلِمن جي نالن تي پنهنجي اَولاد جا نالا رکندا آهن، اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ. يقيناً هي سڀ عِلمِ دِين کان دُوري ۽ نالي رکڻ جي اَهمِيت کان ناواقِفي جو نتيجو آهي. ياد رکو! نالي جو تعلّق صرف دنيوي زندگي تائين ناهي بلڪ جڏهن ميدان محشر قائم ٿيندو تہ انسان کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو جنهن نالي سان ان کي دنيا ۾ سڏيو ويندو هو، جيئن تہ

**حضرت سيِّدُنا ابو درداء** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **کان روايت آهي، حضورِ پاڪ، صاحب لولاڪ، سيّاح افلاڪ** صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريا ويندؤ، تنهنڪري توهان پنهنجا سٺا نالا رکو.** (ابو داود،كتاب الادب،باب في تغيير الاسماء،۳۷۴/۴، حديث: ۴۹۴۸)

تنهنڪري وَالِدَين کي کپي تہ هو پنهنجن ٻارن جا اهڙا نالا بلڪل نہ رکن جن جي ڪري قِيامت جي ڏهاڙي پاڻ اُنهن ۽ انهن جي ٻارن کي سيني جي سامهون ذِلّت ۽ شرمندگي کي منهن ڏيڻو پوي. ها! نالا رکڻا آهن تہ بَرَڪت حاصل ڪرڻ جي نِيت سان ٻارن جا نالا انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ بُزُرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين **جڏهن تہ ٻارڙين جا نالا اُمَّهاتُ الْمُو ٔمنين ۽ صَحابيات** رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُنَّ اَجْمَعِين **۽ وَلِيات** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيهِنَّ اَجْمَعِين **جي نالن تي رکڻ جو ذهن ٻڌايو ڇوتہ اهي نالا**

وڏي بَرَڪت وارا هوندا آهن. خُصُوصاً نامِ ”مُحَمَّد“ جي عظمت جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي هي اهو مُبَارَڪ نالو آهي جو ڪلِمَہ طَيبَہ، قُرآنِ ڪريم، اذان، نَماز، تِلاوت، دُرُودِ و سلام ۽ دِيني ڪتاب وغيره سيئي هن مبارڪ نالي جي بَرَڪتن سان مَعمور آهن، اهڙي طرح اولھ ۽ اوڀر ، اتر ۽ ڏکڻ، زَمين ۽ آسمان هر پاسي ”مُحَمَّد“ جي نالي جي شهرت ۽ جَلوا آهن ايستائين جو هڪ جائزي جي مُطَابِق دُنيا ۾ سڀ ڪان گھڻو رکيو ويندڙ نالو ”مُحَمَّد“ آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان کي بہ ان مُعَزَّز ۽ مُکَرَّم نالي جون بَرَڪتون حاصل ٿين تہ هن جو هڪ بهترين ذَرِيعو هي بہ آهي تہ اسان پنهنجي ٻارن جو نالو ”مُحَمَّد“ رکون تہ جيئن هي مُبَارَڪ نالا اسان جي بخشش ۽ مَغفِرت جو ذَرِيعو بڻجي وڃن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي بَرَڪتن سان اسان کي بہ جَنَّت ۾ داخل فرمائي. اچو! ترغيب طور ”مُحَمَّد“جي نالي جي فضيلتن تي مُشْتَمِل 5 فَرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا، جيئن تہ

اِرشاد فرمايائون: جنهن جي گھر پٽ پيدا ٿئي (اهو) منهنجي محبّت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو ”مُحَمَّد“ رکي تہ اهو ۽ ان جو پٽ ٻئي جنّت ۾ ويندا. (ڪنزالعمال،ڪتاب النڪاح، قسم الاقوال، الباب السابع...الخ،الفصل الاول في الاسماء و الڪني،جزء ٨،١٧٥/١٦، حديث:٤٥٢١٥)

اِرشاد فرمايائون: جنهن دَستَرخوان تي ڪو ”اَحمَد“ يا ”مُحَمَّد“ نالي جو هجي، تہ ان هنڌ تي هر ڏينهن ٻہ ڀيرا بَرَڪت نازل ڪئي ويندي.(مسند الفردوس،٣٢٣/٢،حديث:٥٦٥٢٥)

اِرشاد فرمايائون: جنهن منهنجي نالي مان برڪت جي اميد ڪندي منهنجي نالي تي نالو رکيو قيامت تائين صبح ۽ شام ان تي برڪت نازل ٿيندي رهندي. (ڪنزالعمال،ڪتاب النڪاح،قسم الاقوال،الباب السابع...الخ، الفصل الاول في الاسماء و الڪني،جزء ٨،١٧٥/١٦، حديث:٤٥٢١٣)

اِرشاد فرمايائون: قيامت واري ڏينهن ٻہ ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾

بيهاريا ويندا، حڪم ٿيندو: انهن کي جنّت ۾ وٺي وڃو. عرض ڪندا: الٰهي! اسان ڪهڙي عمل جي ڪري جنّت جي لائق ٿياسين، اسان ته جنّت جو ڪو ڪم ڪيوئي ناهي؟ **الله** عَزَّوَجَلّ فرمائيندو: جنّت ۾ وڃو! مون قسم ڪنيو آهي ته جنهن جو نالو احمد يا محمد هوندو، اهو دوزخ ۾ نه ويندو. (فردوس الاخبار، ۵۰۳/۲،حديث: ۸۵۱۵)

اِرشاد فرمايائون: **الله** عَزَّوَجَلّ فرمايو: مون کي پنهنجي عزّت و جلال جو قسم! جنهن جو نالو تنهنجي نالي تي هوندو، ان کي عذاب نه ڏيندس.
(ڪشف الخفاء ،حرف الخاء ،۳۴۵/۱،حديث:۱۲۴۳)

پُوچھے گا مَولیٰ لایا ہے کیا کیا میں یہ کہوں گا نامِ مُحمد
غَم کی گھٹائیں چھائی ہیں سَر پر کر دے اِشارہ نامِ مُحمد
رَنج و اَلَم میں ہیں نام لیوا کر دے اِشارہ نامِ مُحمد
(قبالۂ بخشش،ص۷۴)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مبارڪ نالي جي فضيلتن ۽ ان جي بَرَڪتن بابت ٻڌي گهڻن اِسلامي ڀائرن جو اهو ذِهن بڻيو هوندو ته آئنده اسان به پنهنجن ٻارن، پوٽن ۽ نَواسن وغيره جو نالو **"مُحَمَّد"** ئي رکنداسين ۽ رکڻ به گهرجي پر ياد رهي! نالي **"مُحَمَّد"** تي نالو رکڻ ۾ بي اَدَبي جو اَنديشو آهي ۽ بي اَدَبي کان بچڻ نِهايت ضروري آهي، نالي **"مُحَمَّد"** جي بي اَدَبي کان بچڻ جو سڀ کان بهترين طريقو هي آهي ته عقيقي واري ڏينهن ٻار جو نالو **"مُحَمَّد"** جڏهن ته سڏڻ جي لاءِ ڪو ٻيو نالو رکيو وڃي ته جيئن نالي **"مُحَمَّد"** جون بَرَڪتون به مِلن ۽ نالي جي بي اَدَبي کان به بچت ٿي وڃي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي بُزرگن

جو بہ اھو ئي مَعمول رھيو آھي تہ ھو بَرَڪت جي لاءِ پنھنجن ٻارن جا نالا "مُحَمَّد" ۽ ادب خاطر پُڪارڻ جي لاءِ ڪو ٻيو نالو سوچيندا ھئا جيئن

## اَعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو طريقيڪار

اعليٰ حضرت،اِمامِ اَھلسُنّت مَوْلانا شاھ اِمام اَحمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنھنجن سيني پٽن ڀائيٽن جو عقيقي ۾ نالو صرف محمد رکيو پوءِ نالي پاڪ جي آداب جي حفاظت ۽ پاڻ ۾ سڃاڻپ جي لاءِ عُرفن نالا جدا مقرر ڪيا.

(فتاوٰي رضويہ، ۲۴/ ۶۸۹ ملخصًا)

## عاشقِ اعليٰ حضرت جي ادا

اھڙي طرح جڏھن عاشقِ اعليٰ حضرت،اَميرِ اَھلسُنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جن جي خدمت ۾ ڪنھن جي نالي رکڻ جي درخواست ڪئي ويندي آھي تہ عام طور تي پاڻ دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ ان ٻار جو نالو: محمد ۽ پڪارڻ جي لاءِ عرفن مثال طور: رَجب رضا رکندا آھن. نالي سان گڏوگڏ رضا جو اضافو، امام اھلسنّت مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن جي نسبت relation سان ڪندا آھن.

اپنے رَضا کے قُربان جاؤں جس نے سِکھایا نامِ مُحمد
آنکھوں میں آکر دِل میں سَما کر رَنگت رَچا جا نامِ مُحمد
اپنے جَمِیْلِ رَضوِی کے دِل میں آجا سَما جا نامِ مُحمد

(قبالۂ بخشش، ص ۷۴)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ عالِم سڳورن پنھنجن ڪتابن ۾ بہ نالي "مُحَمَّد" جي باري ۾ نِھايت دِلچسپ مَدَني گل بيان ڪيا آھن. اچو!

حُصُولِ بَرَڪت جي لاءِ نالي "مُحَمَّد" بابت ڪجھ اِيمان اَفروز مَدَني گل مُلاحَظَہ ڪريو جيئن

## لفظِ ''مُحَمَّد'' جي باري ۾ اِيمان اَفروز مَدَني گل

مشهور مُفَسّرِ قُرآن،حڪيمُ الاُمَّت مُفتي اَحمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه تفسيرِ نعيمي ۾ فرمائن ٿا تہ لفظِ "مُحَمَّد" جي معنيٰ آهي: هر طرح تعريف ڪيل، هروقت، هرزماني، هر زبان ۾ حمد ۽ ثناء ڪيل. حقيقت هي آهي تہ جيئن حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سموري مخلوق ۾ افضل، سيني رسولن جا سردار آهن اهڙي طرح حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اسم شريف بہ سيني نبين جي نالن جو سردار آهي. هن پاڪ نالي جا بيشمار فضائل آهن جن مان ڪجھ هي آهن:

(1) سيني جا نالا ان جا ماءُ پيءُ رکندا آهن لقب قوم ڏيندي آهي خطاب حڪومت کان ملندو آهي، پر حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو نالو، لقب ۽ خطاب سڀ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهن جو عبدالمطلب (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) ملائڪ جي بشارت سان اهو نالو رکيو. (2) ٻين جا نالا پيدائش جي ستين ڏينهن رکيا ويندا آهن پر حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پاڪ نالو جهان جي پيدائش کان پهريان عرش اعظم تي لکيو ويو هو ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت باسعادت کان تقريبًا 600 سال پهريان پنهنجي قوم کي فرمايو: اِسْمُہٗ اَحْمَد انهن جو نالو پاڪ احمد آهي، گذريل قومون سندن پاڪ نالي جي برڪت سان دعا گهرنديون هيون. (3) حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو "محمد" وڏو جامع آهي، جنهن ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا بيشمار فضائل بيان ٿي ويا آهن، آدم جي معنيٰ آهي مٿي مان پيدا ٿيڻ وارا، ابراهيم جي معنيٰ آهي "مهربان پيءُ، نُوح جي معنيٰ آهي "خوف خدا وچان گريہ و زاري ۽ نوحو ڪرڻ وارا" انهن سيني نالن ۾ هڪ هڪ وصف جي طرف

اشارو آهي پر ”محمد“ جي معنيٰ آهي هر طرح سان هر وصف ۾ بيحد تعريف ڪيل، انهيءَ ۾ حضور انور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ جي لاتعداد خوبين ۽ ڪمالن ڏانهن اشارو ٿي ويو. (5) لفظ ”محمد“ ۾ غيبي خبر بہ آهي جو هميشہ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي هر جڳهہ هر طرح حمد و ثناء پئي ٿيندي رهندي. انهيءَ خبر جي صداقت اسان پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون جو اڄ بہ حضور انور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ جي برابر ڪنهن جي بہ تعريف نٿي ٿئي، بلڪ جيڪي حضور انور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ جن سان وابستہ ٿي ويا انهن جي بہ تعريف ٿي وئي، فرش تي ان جون ڏومون تہ عرش تي ان جي واڪاڻ. (6) جيڪو پنهنجي پٽ جو نالو محبت مان”محمد“ رکي، الله تعاليٰ ان تي رحم فرمائيندو جو مونکي اهڙي شخص کي عذاب ڏيندي حياء ٿيندو آهي جنهن منهنجي محبوب جي محبت ۾ پنهنجي پٽ جو نالو ”محمد“ رکيو آهي. (تفسیر نعیمي،۴/۲۲۰-۲۲۱ ملخصًا وملتقطاً)

ناليِ”مُحَمَّد“جي اجان بَرَڪتن کي بيان ڪندي مُفتي صاحب فرمائن ٿا: سيني جا نالا پيدائش جي ستين ڏينهن رکيا ويندا آهن پر حُضُور(صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ) جو نالو ربّ تعاليٰ مخلوق جي پيدائش کان پهريان رکيو هو جيئن آدم عَلَیہ السَّلَام اهو نالو عَرش جي بُلندي تي لکيل ڏٺو، نُوح عَلَیہ السَّلَام جي ڪشتِي (Ark) انهيءَ نالي جي بَرَڪت سان مُڪمَّل ٿي، اَنبياءِ ڪرام(عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) حُضُور(صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ) جي نالي جي طُفَيل (وَسيلي)سان دُعائون گهريون. اَسماءِ اَنبياءِ ڪرام(نبين سڳورن عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي نالن) جي مَعنيٰ اهڙي اعليٰ ناهي جيئن (نالي) ”مُحَمَّد“ جي مَعنيٰ آهي يعني بي عَيب ۽ هر طرح لائقِ ساراهہ حُضُور (صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ) جي نالي سان قَبر جي اِمتِحان ۾ ڪاميابي ۽ مَحشَر ۾ نَجات آهي. (اَلغَرَض)حُضُور (صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ) جو نالو اهو ڪيمِيا آهي (جو) جنهن سان اِنسان جي زندگي ۾ انقلاب اچي ويندو آهي. (شانِ حبیب الرحمن،ص۵۵)

شیدا نہ کیوں ہوں اِس پر مُسلماں ربّ کو ہے پیارا نامِ مُحمد
رکھو لَحد میں جس دم عزیزو مُجھ کو سُنانا نامِ مُحمد
روزِ قِیامت مِیزان و پُل پر دے گا سَہارا نامِ مُحمد
(قبالۂ بخشش، ص ۷۳)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**ڪتاب**”نام رکھنے کے احکام“ **جو تعارُف**

**اي عاشِقانِ رَسُول!** بيان ڪيل نالي”**مُحَمَّد**“ جي باري ۾ دِلچسپ مَدَني گل ٻڌي اسان جي سِينن ۾ به هن مُقَدَّس نالي جي اَهمِيت ۽ اَفضَلِيت ۽ شان ۽ عَظمت وڏيڪ روشن ٿي هوندي. نالي ”مُحَمَّد“ جي فضيلتن ۽ بَرڪتن ۽ نالا رکڻ جي باري ۾ شَرعي اَحڪامن ۽ بين ڪوڙ مَدَني گلن جي مَعلومات جي لاءِ دعوتِ اِسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب هن نالي ”نام رکھنے کے اَحکام“ جو مُطَالَعو فرمايو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ هن ڪتاب ۾ مُعَاشَري ۾ نالو رکڻ جا مختلف اَنداز، اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ جا پسنديده نالا، ضروري وَضاحت، اَسماءِ اِلٰهيہ سان گڏ نالا رکڻ جا مَدَني گل،نالي”**مُحَمَّد**“ جي بَرڪتن تي مُشتَمِل فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَالِهٖ وَسَلَّم **لفظِ”مُحَمَّد“** جي باري ۾ اِيمان اَفروز مَدَني گل، لَقَب، تَخَلُّص ۽ ڪنيت جي تعريف، ان ڪان عِلاوه مَدَني مُنّن ۽ مُنّين جا نالا رکڻ جي لاءِ 538 نالن جي فِهرست ڪي به شامل ڪيو ويو آهي تنهنڪري پاڻ به ان جو مُطَالَعو ڪيو ۽ بين ڪي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب ڪي رِيڊ

(يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ناليءِ "**مُحَمَّد**" جي بَرڪتن جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون ۽ هي به ٻڌو ته اسان جا بُزرگ سڳورا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين هن ناليءِ پاڪ جو تمام گهڻو ادب ڪندا هئا. تيڻ ته ايئن گهرجي ته اسان به بُزرگن جي طريقي تي عمل ڪندي هن پاڪ ناليءِ جي عِزَّت ۽ حُرمَت جو خيال ڪريون ۽ دل ۽ جان سان ان جو خوب خوب ادب ڪريون پر اَفسوس صَد ڪروڙ اَفسوس ته هاڻي هن پاڪ ناليءِ جو احترام به ختم ڪيو پيو وڃي، مَثال طور بعض واهيات ۽ بي باڪ نادان زبان جا ايتري قَدَر تيز هوندا آهن جو هو عام ماڻهن سان گڏ "**مُحَمَّد**" ناليءِ واري مسلمانن کي به مُعاف نه ڪندا آهن ۽ اُنهن کي به مَعَاذَ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ برين گارين ۽ بُرن لقبن سان سڏيندا آهن، ائين ئي ڪجھ نادان شَرعي اَحڪام کان ناواقِفي جي ڪري هر شخص جي ناليءِ کان اڳ ۾ "**مُحَمَّد**" لکندا يا پڙهندا آهن جڏهن ته ڪڏهن معنيٰ جي اِعتِبار سان ڪجھ نالن کان پهريان "**مُحَمَّد**" لکڻ پڙهڻ درست ناهي هوندو ته پوءِ ناليءِ "**مُحَمَّد**" جي بَرَڪت ته ڇا ملندي رهندو بي اَدَبي جو وَبال هٿي تي هاڻي هڪ طرف ته انهن جهڙن نادانن جو طَريقڪار آهي ته ٻي پاسي انهن باادب هستين جو لائقِ تقليد ڪردار اسان جي سامهون آهي جيڪي نامُوسِ مُصطَفٰي سان گڏوگڏ ناليءِ "**مُحَمَّد**" جي عِزَّت ۽ حُرمَت جا سچا پاسبان ۽ ناليءِ "**مُحَمَّد**" جي ادب جي مُعَامَلي ۾ زَبَردَست مَدَني ذِهن رکڻ وارا هئا. اچو! ناليءِ "**مُحَمَّد**" جو ادب ڪرڻ بابت هڪ سبق حاصل ڪرڻ وارو واقعو ٻڌون ٿا.

## مفتي اعظم اصلاح ڪئي

سراجُ العارفين حضرت علامہ مولانا غلامِ آسي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: مون پنهنجي نالي جي شروع ۾ برڪت جي لاءِ لفظ ”محمد“ شامل ڪري ڇڏيو هو. ان تي شهزادهٔ اعليٰ حضرت مفتي اعظم مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ تنبيهه فرمائي جو اتي اسمِ رسالت (يعني محمد) نہ هجڻ گهرجي. مون فورًا عرض ڪيو تہ حضور پوءِ ”محمد عبدُالحيّ“ جو ڇا حڪم آهي؟ ان جي جواب ۾ حضرت فرمايو: ڪٿي عبدالحي ۽ ڪٿي غلامِ آسي؟ علامہ (غلامِ آسي رحمة الله ) فرمائن ٿا: ”اهو جواب ٻڌي مان حيرت ۾ پئجي ويس ۽ حضرت جي تَفَقُّہ في الدّين (دين جي سمجھ) جي عظمت دل ۾ چڱي طرح ويهي وئي.“

حضور مفتيءِ اعظم رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ پنهنجي ارشاد سان اها رهنمائي فرمائي آهي جو جنهن نالي جي شروع ۾ لفظ ”محمد“ آندو وڃي، جيڪڏهن انهي نالي جو اطلاق لفظ ”محمد“ تي درست هجي تہ اتي لفظ ”محمد“ شروع ۾ آڻڻ درست ٿيندو (جيئن محمد صادق) ۽ جيڪڏهن انهي نالي جو اطلاق لفظ ”محمد“ تي درست نہ هجي تہ اتي لفظ ”محمد“ شروع ۾ آڻڻ درست نہ ٿيندو (جيئن محمد غلام حسين). حضور رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہ والِہٖ وَسَلَّمَ عبدُالحيّ آهن تنهن ڪري محمد عبدُالحيّ چوڻ درست آهي پر غلامِ آسي نہ آهن ان ڪري ”محمد غلامِ آسي (يعني ”آسي“ جو غلام)“ چوڻ نامناسب آهي. (جهانِ مفتيِ اعظم، ص۴۵۱، بتغير قليل)

ان جي عِلاوه بہ ڪجھ اهڙا نالا آهن جو جن ڪان اڳ ۾ نالي **”مُحَمَّد“** جو اِطلاق دُرُست ناهي هوندو مثال طور عَبدُالمُصطفٰي، غُلامِ غَوث، غُلامِ جِيلاني، عُبَيدِ رَضا وغيره پر ڪڏهن ڪڏهن هنن نالن ڪان بہ اڳ ۾ **”مُحَمَّد“** لکيو ويندو آهي البت اها ڳالھ بہ ذِهن نشين رکو تہ نالي **”مُحَمَّد“** جو اِطلاق ڪهڙي نالي تي دُرُست آهي ۽ ڪهڙي نالي تي نہ ان جو تَعَين ڪرڻ جي هر ڪنهن کي اِجازت ناهي! تنهنڪري ان جي لاءِ ڪنهن مُستَنَد سُنّي عالِمِ دِين يا

دعوتِ اسلامي جي تحت قائم دارُالاِفتا اَهلسُنَّت کان معلوم ڪريو.

محفوظ سَدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے
اور مجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۳۱۵)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "يومِ تَعطِيل (موڪل جي ڏينهن) اِعتِڪاف"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته اسان جا بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين ڪيتري قَدَر غيرَت مَند هئا جو جڏهن اهي حضرات نالي "**مُحَمَّد**" جي بي اَدَبي ٿيندي ڏسندا هئا ته بي قَرار ٿي ويندا هئا ۽ ان جي ايماني غيرت کي جوش اچي ويندو هو تنهنڪري اهي حضرات هٿو هٿ بي اَدَبي ڪرڻ واري جي اِصلاح (Reformation) ڪندا هئا. اي ڪاش ته اسان کي بہ انهن بُزرگن جو صَدَقو نصيب ٿئي ۽ اسان بہ انهن جي تعليمات تي عمل ڪندي نالي "**مُحَمَّد**" جو ادب ڪرڻ وارا ۽ ان پاڪيزه مُبَارَڪ نالي جي بي اَدَبي ٿيندي ڏسي هٿو هٿ بي اَدَبي ڪرڻ واري جي اِصلاح ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ اڄ جي هن نازڪ دور ۾ دعوتِ اسلامي مسلمانن جي اندر بُزرگن جي ان مَدَني سوچ کي پيدا ڪرڻ لاءِ اُنهن کي نالي "**مُحَمَّد**" جو ادب ڪرڻ ۽ نالي "**مُحَمَّد**" جي بي اَدَبي ڪرڻ وارن جي اِصلاح ڪرڻ جو ذِهن ڏيڻ جي لاءِ هر دم ڪوشش ڪري پئي تنهنڪري اوهان بہ مَدَني ماحول سان وابسته رهو ۽ ادب ۽ تَعْظِيم جو پيڪر بڻجڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو.

ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف“ بہ آهي. موڪل واري ڏينهن شهر جي ڪمزور ۽ ويجهي علائقن ڳوٺن ۾ وجي اتي جي مسجدن کي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ مقامي عاشقان رسول کي نيڪي جي دعوت ڏئي علم دين سکڻ سيکارڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي ❁اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ يوْمِ تَعْطِيل اِعْتِڪاف اسلامي ڀائرن کي سُنّتون، آداب ۽ مَدَني دَرس وغيره جو طريقو سيکارڻ جو بهترين ذريعو آهي❁ يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجِدون آباد ٿين ٿيون ❁يومِ تَعطِيل اِعْتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجد ۾ گذرندڙ هر هر لَمحو عِبادَت ۾ شُمار ٿيندو ❁يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجِد سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو گهٽي کان گهٽو وَقت گُذارڻ جي فضيلت حاصل ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجو گهٽو وَقت مسجد ۾ گذارڻ جي بہ چا خوب فضيلت آهي

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدرِي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا یَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ (پ ١٠ ،التوبہ :١٨)

**ترجموڪنز الايمان:** اللّٰه جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪِي اللّٰه ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن ۽ نماز قائم ڪندا آهِن ۽ زڪوات ڏيندا آهِن

(ترمذي ، ڪتاب الايمان ، با ب ماجا ء في حرمۃ الصلوۃ ،٢٨٠/٤،رقم: ٢٦٢٦)

اچو! ترغيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا.

## مان لغڙن اڏائڻ جو شوقين هئس!

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي اڳوڻي زِندگي گُناهن ۾ گذري رهي هئي، لغڙن اڏائڻ جو بہ شوقين هو، ويڊيو گيمز ۽ بلوررانڊ کيڏڻ وغيره ان جي عادت ۾ شامل هو. هر هڪ جي مُعامَلي ۾ ٽنگ اَڙائڻ، ماڻهن سان جهيڙو ڪرڻ، ڳالهہ ڳالهہ تي ڦڏو ڪرڻ جهڙين بُرائين ۾ گرِفتار هو. خُوش قسمتي سان هڪ اسلامي ڀاءُ جي اِنفِرادي ڪوشِش تي هو رَمَضانُ المُبَارَڪ جي آخري عَشَري ۾ پنهنجي عَلائقي جي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيو، جتي ان کي سنا سنا خواب نظر آيا ۽ گهڻو سُڪون مليو. ان کان پوءِ ان وڌيڪ 2 سال اعتڪاف جي سَعَادَت حاصِل ڪئي. هڪ ڀيري ان جي مسجِد جي مُؤَذِّن صاحِب اِنفِرادي ڪوشِش ڪري اُن کي تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تَحريڪ دعوتِ اسلامي جي عالَمي مَدَني مرڪز فَيضانِ مدينہ(باب المدينہ ڪراچي) ۾ هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ وني آيو. هڪ مُبَلِّغ دعوتِ اسلامي سُنّتن ڀريو بَيان ڪري رهيا هئا جنهن کي سفيد لِباس ۽ ناسَي چادرپاتل هئي، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي سائي رنگ جي عِمامي شريف جو تاج سجايل هو. اهڙو بارونق چهرو ان زِندگي ۾ پهرين ڀيري ڏٺي هو. مُبَلِّغ جي چهري جي ڪشِش ۽ نُورانيت ان جي دل ڪٺي ورتي ۽ هو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن هڪ مُٺ ڏاڙهي بہ رکي ورتي آهي.

بگڑے اَخلاق سارے سَنْوَر جائیں گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تُم اِعْتِکاف
جامِ عشقِ مُحمد بھی ہاتھ آئے گا، مَدَنی ماحول میں کرلو تُم اِعْتِکاف
(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۶۴۰-۶۴۱)

## مجلسِ تَوقيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح دعوتِ اِسلامي سان وابسته ٿي 12 مدني ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃڻ نالي”مُحَمَّد“ جو ادب ڪرڻ جي مَدَني سوچ ماڻڻ جو هڪ ذريعو آهي، اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي قائم ڪيل شُعبن مان ڪنهن شُعبي سان وابسته ٿي پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ سان به نالي اَقدَس جي عِزَّت ۽ حُرمَت ۽ ان جي ادب ۽اِحتِرام جوذِهن نصيب ٿيندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ گهٽ وڌ 104 شُعبن ۾ نيڪي جي دَعْوَت جون ڌُومون مَچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. انهن شُعبن (Departments) مان هڪ ”مَجلسِ تَوقيت“ به آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ مجلسِ تَوقيت هينئر تائين اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي تحقيق مطابق عِلم تَوْقيت جي اُصُول ۽ قانون مُطابق دنيا جي بي شُمار شهرن( بشمول حرمين طيبين)جا ”اَوْقاتُ الصَّلٰوة“ جي نقشن سان گڏوگڏ سڄي پاڪستان جي پندرهن سو(1500) کان وڌيڪ مقامن تي مشتمل عظيم الشان ڪتاب بنام ”اوقاتِ نماز برائے پاکستان“ شايع ڪرائي چڪي آهي. ان سلسلي ۾ پڻ هڪ قدم وڌائيندي دعوت اسلامي جي مجلس آئي ٽي جي تعاون سان هڪ اهڙو سافٽ ويئر بنام ”اوقات الصلواة“ به متعارف ڪرايوويو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره تي نمازن جي صحيح وقت جي ڄاڻ ۾ وڌيڪ مفيد آهي، هن سافٽ وئير بنام”اَوْقاتُ الصَّلٰوة“۾ ڪوڙ مقامن جي اوقاتِ نماز ڄاڻڻ جي سهولت موجود آهي، نظام الاقات متعلق ڪنهن به قسم جو مسئلو يا مشورو هجي ته مجلس جي ذميدارن کان عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه باب المدينه ڪراچي جي فون نمبر

تي هن اي ميل ايڊريس (prayer@dawateislami.net) جي ذريعي رابطو ڪري سگهجي ٿو عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ مڪتب جي مخصوص وقت ۾ توقيت مڪتب ۾ ملاقات ڪري رهنمائي بہ وٺي سگهجي ٿي.

اللہ کرم ایسا کرے تُجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جشنِ وِلادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطّار

اي جشنِ وِلادتِ مُصطَفٰي ملهائڻ وارؤ عاشقانِ رسول! صَفَرُ المُظَفَّر جو مُبارَڪ مهينو پنهنجي پڄاڻيءَ ڏانهن جاري آهي. پوءِ اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّ وَجَلَّ رَبِيعُ الْاَوَّل جو پُرنُور مهينو پنهنجي شان ۽ شوڪت سان جَلوَه گر ٿيندو هي اهو عَظِيمُ الشّان مهينو آهي جنهن جو عاشقانِ رَسول يارهن (11) مهينا وڏي شِدَّت سان اِنتِظار ڪن ٿا، مَرحبا يا مُصطَفٰي جي گونج ۾ جُلوس ميلاد جون ڌومون مچائيندي، محفلِ نعت جو اِهتِمام ڪندا، صَدَقو ۽ خَيرات ڪندا، مدني پرچم ۽ جهنڊيون لڳائيندا، چَراغان ڪندا ۽ ڌُوم ڌام سان جَشنِ وِلادَت جون خوشيون ملهائي پنهنجي عقيدت ۽ مَحَبَّت جو اِظهار ڪند آهن. پر ياد رهي! هر اَهم ڪم جا ڪجهہ ضروري آداب هوندا آهن، اهڙي طرح جَشنِ عيد ميلادُ النَّبي مَلهائڻ جا بہ ڪجهہ آداب آهن جن جو لحاظ رکڻ گهڻو ضروري آهي جيئن تہ جشن ولادت جي موقعي تي گهٽي يا روڊ وغيره تي اهڙي طرح سَجاوت ڪرڻ جو جنهن سان گاڏي وارن ۽ پيدل هلڻ وارن کي تڪليف ٿئي، ناجائز آهي.

چَراغان ڏسڻ جي لاءِ عورتن جو اَجنبي مَردن جي وچ ۾ بي پرده نڪرڻ ۽ باپرده عورتن جو بہ هلندڙ انداز ۾ مَردن ۾ اِختِلاط (گڏجي جمع ٿيڻ) انتِهائي اَفسوس ناڪ آهي ۽ بجلي جي چوري بہ ناجائز آهي، تنهنڪري هن سلسلي ۾ بجلي فَراهم ڪرڻ واري اِداري سان رابِطو ڪري جائز ذريعن سان چَراغان جي ترڪيب بڻايو. جُلوسِ ميلاد ۾ حتّي الامڪان باوُضُو رهو، نَمازِ باجماعت جي پابندي جو خيال رکو.

شيخ طريقت،اميرِاهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رَضوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جَشنِ ميلاد** ملهائڻ وارن عاشقان ميلاد ڪي letter پنهنجي مڪتوب ۾ ڪجهه اَهم مدني گل عطا فرمايا آهن. اچو! اسان بہ مڪتوبِ عطار توجہ سان پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّ حْمٰنِ الرَّ حِيمط سگِ مدينہ محمد الياس عطار قادري رضوي عفي عنه جي طرفان تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائرن/ اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ **جشن ولادت** جي خوشي ۾ جهولندڙ ساون ساون جهنڊن ۽ جڳمڳ ڪندڙ بلبن ۽ ننڊڙين نِنڊڙين بتين ڪي چمندو جهومندو ماڪي ڪان بہ منو مڪي مدني سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه          اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعٰلَمِينَ عَلٰى كُلِ حَال۔

تُم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ
اُونچے میں اُونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**چنڊ** واري رات جو هنن لفظن ۾ ٿي پيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن ڪي مبارڪ هجي جو ربيع الاول شريف جو چنڊ نظر

اچي ويو آهي.

رَبِیْعُ النُّوْر اُمّیدوں کی دُنیا ساتھ لے آیا
دُعاؤں کی قَبولِیَّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

مرد لاءِ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن، اسلامي ڀيڻ جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي. براءِ ڪرم ربيع الاول شريف جي برڪت سان اسلامي ڀائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پردو ۽ وڏي خوش قسمتي جو شرعي پردوڪرڻ جي نيت ڪن (مرد جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ۽ عورت جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي ۽ فوراً توبہ ڪري انهن گناهن کان رڪجي وڃڻ واجب آهي.)

جُھک گیا کعبہ سَبھی بُت مُنہ کے بَل اَوندھے گِرے
دَبدبہ آمد کا تھا ، اَہْلاً وَّ سَہْلاً مرحبا

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص۱۴۷)

سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو عظيم مدني نسخو هي آهي تہ تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو فڪر مدينہ ڪندي **مدني انعامات** جا رسالا پري هر مهيني (جي پهرين تاريخ تي) جمع ڪرائڻ جي نيت ڪن، هٿ ڪٽي **چٽو:** ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں
اب مُرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

(قبالۂ بخشش، ص۱۸۴)

**تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر نگرانن ۽ ذميدارن سميت ربيع الاول شريف** ۾ خصوصيت سان گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪن ۽ اسلامي ڀينرون ٣٠ ڏينهن تائين روزانو گهر جي اندر (صرف گهر وارن ۾) فيضانِ سنت جو درس جاري ڪن ۽ وري آئنده به روزانو جاري رکڻ جي نيت ڪن.

لُوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو
سِیکھنے سُنَّتیں قافِلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص٦٦٩)

پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي ١٢ **عدد** نہ تہ گهٽ مان گهٽ هڪ عدد سبز سبز جهنڊو **ربيع الاول شريف** جي چنڊ رات کان وٺي سڄو مهينو لڳايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ، وغيره تي ضرورتاً پنهنجي ڪيسي مان رقم ڀري جهنڊا خريد ڪري لڳايو، پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي بہ لڳايو، هر طرف سبز سبز جهنڊن جون بهارون مرڪندي نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پٺيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، منهنجي خواهش آهي تہ ٽرڪن، بسن، ويگنن، رڪشن، ٽيڪسين، سوزوڪين، ۽ ڪارن وغيره جي پٺيان وڏن لفظن ۾ هي لکيل هجي، **مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي .** بس جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽ وارن سان ملي ڪري مدني ترڪيبون ڪيو ۽ سگِ مدينہ عفي‌عنه جي دل جون دعائون وٺو.

**ضروري احتياط:** جيڪڏهن جهنڊي تي نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ نہ اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نہ ئي زمين تي

اچي پئي ۽ جيئن ئي **ربيع الاول شريف** جو مهينو موڪلائي وجي تہ فوراً لاهي ڇڏيو، جيڪڏهن احتياط نہ تو تي سگهي ۽ بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي تہ بنا نقش ۽ بنا لکت جا سادا ساوا جهنڊا لڳايو. (سگِ مدينہعفي عنه بہ حتي الامڪان پنهنجي مڪان بي نشان بنام "**بيت الفنا**" تي سادن مدني پرچمن جي ترڪيب ڪندا آهن

نبی کا جھنڈا لیکر نکلو دُنیا پر چھا جاؤ
نبی کا جھنڈا اَمن کا جَھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

پنهنجي گهر تي ١٢ جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ ١٢ بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ بہ ١٢ ڏينهن تائين خوب لائيٽنگ ڪيو (پر انهن ڪمن لاءِ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪندڙ اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب بڻايو) سڄي علائقي کي سبز سبز جهنڊن ۽ رنگا رنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽ ويندڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي ماڻهن جا حق ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا جهنڊا لڳايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، ۽ گهٽيءَ وغيره کي بہ اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿيڻ ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي.

مَشرق ومَغرب میں اک اک بامِ کعبہ پر بھی ایک
نَصب پرچم ہوگیا ، اَھْلاً وَّ سَھْلاً مرحبا

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۴۶)

www.dawateislami.net

هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن رپين جا مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهائي ۽ اسلامي ڀينرون بہ تقسيم ڪرائن. اهڙي طرح سڄو سال اجتماعن ۾ لنگرِ رسَائل جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ "لنگر رسائل" هلايو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو .

بانٹ کر مَدَنی رسائل دِین کو پھیلایئے
کرکے راضی حق کو حقدارِ جِناں بن جایئے

سگِ مدينہ جو لکيل پمفليٽ "**جشنِ ولادت جا١٢مدني گل**" ممڪن هجي تہ ١١٢ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ١٢ عدد ۽ ٿي سگهي تہ **رسالو "صبح بهاران"** ١٢ عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي **جشن ولادت** جون ڌومون مچائيندا آهن. **ربيع الاول شريف** جي دوران ١٢٠٠ روپيا، جيڪڏهن هي نہ ٿي سگهي تہ ١١٢ روپيا ۽ اهي بہ نہ ٿي سگهي تہ ١٢ رپيا (بالغ اسلامي ڀائر ) ڪنهن سني عالم کي پيش ڪن، جيڪڏهن پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن يا خادمن ۾ ورهائي ڇڏيو تڏهن بہ نيڪ آهي، بلڪ هيءَ خدمت هر مهيني جاري رکڻ جي نيت ڪيو تہ مدينہ مدينہ. جُمُعہ جي ڏينهن ڏيو تہ بهتر جو جُمعہ تي هر نيڪي جو ثواب سَتَر ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي. **الحمدﷲ**عَزَّ وَجَلَّ سنتن ڀريي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح ٿي وڃڻ جا واقعا آهن. توهان مان بہ ڪي خوشنصيب اهڙا بہ هوندا جيڪي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي مدني ماحول سان وابستہ ٿيا هوندا، تنهنڪري اهڙيون ڪيسٽون ۽ VCDs ماڻهن تائين پهچائڻ

دين جي عظيم خدمت ۽ گھڻي ثواب جو سبب آهي تہ جنھن کان ٿي سگھي هفتي ۾ نہ تہ مهيني ۾ گهٽ ۾گهٽ۱۲ آڊيو يا ويڊيو **ڪيسٽون** بيان جون ضرور ڪپائي، مالدار اسلامي ڀائر جيڪڏهن مفت ورهائن تہ مدينہ مدينہ . **جشن ولادت** جي خوشيءَ ۾ بيان جون ڪيسٽون ۽ VCDs خوب ورهايو ۽ دين جي تبليغ ۾ حصو وٺو. شادين جي موقعي تي ڪارڊ سان گڏ **رسالو** ۽ ٿي سگھي تہ بيان جي ڪيسٽ يا VCDs بہ وجهي ڇڏيو. عيد ڪارڊن جي رواج ڪي ختم ڪري ان جي جاءِ تي بہ اهو ئي رائج ڪيو تہ جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي ان سان دين جو بہ فائدو ٿئي. مون کي ماڻهو قيمتي ڪارڊ موڪليندا آهن ان سان دل خوش ٿيڻ بدران ڏکندي آهي. ڪاش! عيد ڪارڊ تي خرچ ٿيڻ واري رقم دين جي ڪمن ۾ خرچ ڪئي وڃي ها! ان تي **لڳل** افشان (يعني چمڪدار پائوڊر) سان ڏاڍي پريشاني ٿيندي آهي .

اُنکے در پے پلنے والا اپنا آپ جواب
کوئی غریب نواز تو کوئی داتا لگتا ہے

وڏي شهر ۾ هر علائقي مشاورت جا نگران (ڳوٺن وارا ڳوٺن ۾)۱۲ ڏينهن تائين روزانو مختلف مسجدن ۾ عظيم الشان سنتن ڀريا اجتماعات منعقد ڪن (ذميدار اسلامي ڀينرون گهرن ۾اجتماعات فرمائن) **ربيع الاول شريف** جي دوران ٿيڻ وارن تمام اجتماعن ۾ جن کان ٿي سگھي اهي سبز جهنڊا گڏ کڻي اچن .

لَب پر نعتِ رسولِ اَکرم ہاتھوں میں پرچم
دیوانہ سَرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

**يارهين** جي شام نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي پائڻ واري سفيد چادر پردي ۾ پردي لاءِ ناسي چادر، ڏنڊڻ، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلو پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هرشيءِ ممڪن هجي تہ نئي ونو. **(اسلامي ڀينرون بہ پنهنجي ضرورت جون جيڪي شـيون ممڪن هجن اهي نيون وٺن)**

آئی نئی حکومت سِکّہ نیا چلے گا
عالَم نے رنگ بدلا صُبحِ شبِ وِلادت

(ذوقِ نعت، ص٦٧)

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** اسان ٻڌو تہ

❋ نالو "**مُحَمَّد**" مُسلمان جي شان ۽ عظمت ڪي وڌائي ٿو.

❋نالو "**مُحَمَّد**" عِزَّت ۽ اَفزائي جو ذريعو آهي.

❋نالو "**مُحَمَّد**"**خُدا** عَزَّوَجَلَّ کي بہ مَحبوب آهي.

❋نالي "**مُحَمَّد**" جي بَرَڪت سان اِنسان جي بگڙي بڻجي ويندي آهي.

❋نالي "**مُحَمَّد**" جي بَرَڪتن سان ڪائنات فيضياب ٿي رهي آهي.

❋نالو "**مُحَمَّد**" جنَّت ۾ داخِلي جو سبب آهي.

❋نالو "**مُحَمَّد**"نارِ جهنّم کان نَجات جو ذريعو آهي.

❋نالي"**مُحَمَّد**" جي بي اَدَبي ڪرڻ کان بُزرگانِ دِين رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیھم اجمعین کي

سَخت نفرت هئي.

❊نالي ”مُحَمَّد“ جي بي اَدَبي ڪرڻ سان هر ڪنهن کي بچڻ کپي.

الله تعاليٰ نالي ”مُحَمَّد“ جي صَدَقي ۾ طُفَيل اسان کي بہ ادب ۽ تَعظِيم جي لازَوال دَولَت نصيب فرمائي ۽ اسان کي ان مُقَدَّس نالي جون خوب بَرَڪتون نصيب فرمائي.اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مُسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي جي رسالي 101 مدني گل صفحي نمبر27 تان سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: فرمانِ مُصطَفيٰ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“(اِث-مِد) آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ٿو ۽ پنبڻ پيدا ڪندو آهي“..( ابن ماجه،۴/ ۱۱۵ ،حديث :۳۴۹۷ )

❖ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آھي ۽ زينت جو ارادو نہ ھجي تہ ڪراھت ناھي. ( فتاويٰ ھنديہ،۵ /۳۵۹)❖ سرمو سمھڻ مھل استعمال ڪرڻ سنّت آھي. (مرآۃالمناجیح،۶/۱۸۰) ❖ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن نقل ڪيل طريقن جو خلاصو پيش خدمت آھي: (1) ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏھن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ ھڪ سرائي کي سرمي ۾ وجھي ڪري ان کي واري واري سان ٻنھي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اھڙي طرح ڪرڻ سان انشآءَالله عَزَّ وَجَلَّ ٽنھي طريقن تي عمل ٿيندو رھندو. ❖ عزت جا جيترا بہ ڪم ھوندا ھئا اسان جا محبوب آقا صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا ھئا، ٺٺڪري پھريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو..

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون ھزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 2 ڪتاب بھار شريعت حصو 16 (312صفحا) 120 صفحن جو ڪتاب"سنتيں ۽ آداب" رسالو 163 مدني پھول ۽ 101 مدني پھول ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ غور سان مطالعو ڪريو. سنتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آھي.

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے
(وسائل بخشش مرمم، ص۴۲۸)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد